شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العاليه

سنڌي ترجمو

# جوشِ ايماني

تخريج شده




| | |
|---|---|
| مدني منّي جو جوشِ ايماني | 2 |
| چئن شهيدن جي ماءُ | 7 |
| مدني قافلي ۾ شفا به ملي ۽ ديدار به ٿيو | 13 |
| ٻلائيءَ جون ڳالهيون سيکارڻ جي فضيلت | 17 |
| جنّت ۾ داخلا، پوئين گناهن جو ڪفارو | 19 |
| داتا صاحب جي طرفان مدني قافلي جي خيرخواهي | |
| سلام جا 11 مدني گل | 26 |


(مزارِ پُر انوار حضور داتا گنج بخش رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ)

پيشڪش : مجلسِ مڪتبة المدينه


مكتبة المدينه

فيضانِ مدينه، محله سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي پاڪستان، فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858



Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# جوش ايماني

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر:** 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# جوشِ ايماني[1]

غالباً شيطان اوهان کي هي رسالو مکمل پڙهڻ نه ڏيندو پر ڪوشش ڪري هي رسالو مکمل پڙهي شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو.

## درود شريف جي فضيلت

”سعادة الدارين“ ۾ آهي حضرت سيّدُنا ابراهيم بن علي بن عَطِيَّہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون خواب ۾ جنابِ رسالتِ مآب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ڪيو ته عرض ڪيو: آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي شفاعت جو طلبگار آهيان. سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَكۡثِرۡ مِنَ الصَّلٰوةِ عَلَيَّ يعني ”مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهندا ڪريو.“ (سعادة الدارين ص 137)

ڪعبے کے بدرُ الدُّجٰی تم پہ کروڑوں دُرُود
طیبہ کے شمس الضُّحٰی تم پہ کروڑوں دُرُود (حدائق بخشش شریف ص ۲٦٤)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني مني جو جوش ايماني

رات جو پوين پهر هيو، سڄو مدينو نُور سان منّور هو، مديني وارا رحمت واري چادر ۾ سُتل هئا، ايتري ۾ رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مؤذن حضرتِ سيّدُنا بِلال حبشي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي

---

(1) هي بيان امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک دعوتِ اسلامي جي ٽي روزه بين الاقوامي سنتن ڀري اجتماع (4،3،2 رجب المرجب 1419هه مدينة الاولياء ملتان) جي آخري نشست ۾ فرمايو. ضروري ترميم ۽ اضافي سان تحريري طور حاضر آهي. مجلس مڪتبة المدينه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

پُرڪيف صداءِ مدينہءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي گهٽين ۾ گونجڻ لڳي: ”اڄ فجر جي نماز کان پوءِ مجاهدين جي فوج هڪ عظيم مهم تي رواني ٿي رهي آهي. مدينہءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جون مقدس بيبيون پنهنجي شهزادن کي جنّت جو گهوٽ بڻائي جلدي دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿين.“ هڪ بيوه صحابيہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي ڇهن سالن جي يتيم شهزادي کي پاڻ سان گڏ سمهاري رهي هئي. حضرتِ سيّدُنا بِلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو اعلان ٻُڌي ڇرڪ ڀريائين! دل جو زخم تازو ٿي ويو، يتيم ٻار جا والد صاحب گذريل سال بدر جي جنگ ۾ شهيد ٿيا هئا. وري هڪ ڀيرو اسلام جي لاءِ قرباني جي ضرورت پيش آئي آهي پر انهن وٽ ڇهن سالن جي مدني مني کان سواءِ ڪو ٻيو نہ هو. سيني جا جذبات اکين جي ذريعي وهي آيا. آهن ۽ سڏڪن جي آواز سان **مدني مني** جي اک کلي پئي، ۽ ماءُ کي روئندو ڏسي بيقرار ٿي چوڻ لڳو! امان! ڇو ٿي روئين؟ ماءُ مدني منّي کي پنهنجي دل جو درد ڪيئن سمجهائي ها! ان جي روئڻ جو آواز ويتر تيز ٿي ويو. ماءُ جي روئڻ جي ڪري مدني منّو بہ روئڻ لڳو. ماءُ مدني منّي کي دلاسو ڏيڻ لڳي، پر هو ماءُ جو درد سمجهڻ لاءِ ضد ڪري وينو. آخرڪار ماءُ ڪوشش ڪري پنهنجي جذبات کي قابو رکندي چوڻ لڳي: پٽ! هينئر حضرتِ سيّدُنا بِلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اعلان ڪيو آهي: ”مجاهدن جي فوج جنگ جي ميدان ڏانهن رواني ٿي رهي آهي. آقاءِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجا جان نثار گهرايا آهن. ڪيترين نہ خوش نصيب آهن اهي مائرون جيڪي اڄ پنهنجي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

نوجوان شهزادن کي نذراني طور دربارِ رسالت ۾ حاضر ڪري آلين اکين سان التجائون ڪري رهيون هونديون: **يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان پنهنجا جگر جا ٽڪرا اوهان جي قدمن تي قربان ڪرڻ جي لاءِ آندا آهن، آقا! اسان جي ارمانن جون حقير قربانيون قبول فرمايو، آقا! سڄي عمر جي محنت وصول ٿي ويندي. ايترو چئي ماءُ وري روئڻ لڳي ۽ ڏکويل آواز ۾ چوڻ لڳي ڪاش! منهنجي گهر ۾ بہ ڪو جوان پٽ هجي ها ۽ مان بہ پنهنجو عقيدتن ڀريو نذرانو آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ڪٺي حاضر ٿيان ها. ماءُ کي وري روئيندو ڏسي مدني منّي جوش ۾ اچي پنهنجي ماءُ کي خاموش ڪرائيندي جوشِ ايماني جي جذبي سان چوڻ لڳو: منهنجي پياري امان! نہ روئو، بس مون کي ئي پيش ڪريو. ماءُ چوڻ لڳي: پٽ! تون تہ اڃا ٻار آهين، جنگ جي ميدان ۾ جاني دشمنن سان ٽڪر ٿيندو آهي، تون تلوار جا وار برداشت نہ ڪري سگهندين. مدني منّي جي ضد آڏو آخرڪار ماءُ کي هار مڃڻي پئي. فجر جي نماز کان پوءِ مسجد النبوي الشريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ٻاهر ميدان ۾ مجاهدن جو هجوم ٿي ويو. انهن کان فارغ ٿي ڪري سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس وڃڻ وارا ئي هئا تہ سندن نظر هڪ پرديدار عورت تي پئي جيڪا پنهنجي ڇهن سالن جي مدني مني سان هڪ پاسي بيٺي هئي. شاهِ شيرين مَقال، صاحبِ جود ونوال، شهنشاهِ خوشخصال، محبوبِ ربّ ذوالجلال، آقاءِ بِلال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ سيّدُنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي اچڻ جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو. سيدنا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ويجهو وڃي نگاهون هيٺ ڪري اچڻ جو سبب معلوم ڪيو. عورت ڏکويل لهجي ۾ جواب ڏنو: اڄ رات جي پوئين پهر ۾ توهان اعلان ڪندي منهنجي گهر وٽان گذريا هئا، اعلان ٻُڌي منهنجي دل بيقرار ٿي. آه! منهنجي گهر ۾ ڪو نوجوان نہ هيو جو عقيدتن ڀريو نذرانو کڻي حاضر ٿيان ها. منهنجي هنج ۾ صرف هي ڇهن سالن جو يتيم ٻار آهي جنهن جو پيءُ گذريل سال جنگ بدر ۾ شهادت جو جام پي چُڪو آهي منهنجي سڄي زندگي جو سرمايو هي هڪ ٻار آهي، جنهن کي سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن تي قربان ڪرڻ جي لاءِ کڻي آئي آهيان. حضرتِ سيدُنا بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پيار منجهان مدني مني کي هنج ۾ کنيو ۽ بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪندي سڄو قصو عرض ڪيو. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مدني مني تي گهڻي شفقت فرمائي، پر ننڍي عمر جي ڪري جهاد جي ميدان ۾ وڃڻ جي اجازت نہ ڏني. (ماخوذ از زلف و زنجير ص 222) (**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا جي لاءِ تہ وقت آهي پر----

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان مدني منّي جو **جوشِ ايماني!** **الله! الله!** اڳئين دؤر جون مائرون **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ دينِ اسلام سان ڪيتريقدر محبت ڪنديون هيون. جيڪي ماڻهو پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي بي وفا دنيا جي دولت جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي شهر کان ٻئي شهر، بلڪ ٻئي ملڪ اهو بہ سالن جي لاءِ موڪلڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن پر پنهنجي ئي شهر ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿوري دير جي لاءِ وڃڻ کان روڪيندا آهن، سنّتن جي تربيت جي خاطر مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ ڪجھ ڏينهن سفر ڪرڻ کان روڪيندا آهن، انهن کي هن ايمان افروز حڪايت مان عبرت جو درس حاصل ڪرڻ گهرجي. آھ! اسان ٿورڙي وقت جي قرباني ڏيڻ کان بہ لهرايون ٿا ۽ اسان جا بزرگ تہ پنهنجو جان ۽ مال سڀ ڪجھ راهِ خدا ۾ قربان ڪرڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا.

تھے تو آبا وہ تمہارے ہی مگر تم کیا ہو
ہاتھ پر ہاتھ دھرے منتظرِ فردا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چئن شهيدن جي ماءُ

**اُسْدُ الْغَابَہ جلد 7 ص 100** تي آهي: **قادسيہ جي جنگِ** (جيڪا امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خلافت واري دؤر ۾ لڳي هئي) ۾ **حضرتِ سيّدتُنا خَنْساء** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا **پنهنجي چئن شهزادن سميت شريڪ ٿيون هيون.** پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جنگ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي چئن شهزادن کي هن طرح نصيحت فرمائي: منهنجا پيارا فرزندؤ! توهان پنهنجي خوشيءَ سان مسلمان ٿيا آهيو ۽ پنهنجي خوشيءَ سان هجرت ڪئي آهي، ان ذات جو قسم! جنهن کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، توهان هڪ ئي ماءُ پيءُ جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

اولاد آهيو، مون توهان جي نسب کي خراب نہ ڪيو، توهان کي خبر آهي تہ الله غفار عَزَّوَجَلَّ ڪافرن سان مقابلو ڪرڻ وارن مجاهدن جي لاءِ عظيم الشان ثواب رکيو آهي. ياد رکو! آخرت جي باقي رهڻ واري زندگي دنيا جي فنا ٿيڻ واري زندگي کان ڪيترائي درجا بهتر آهي. ٻُڌو! ٻُڌو! قرآنِ پاڪ جي چوٿين سيپاري سورة آلِ عمران جي آيت نمبر 200 ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا ۟ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝۲۰۰

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! صبر ڪريو ۽ دشمنن کان صبر ۾ اڳرائي ڪريو ۽ اسلامي ملڪ جي سرحد جي حفاظت ڪريو ۽ الله کان ڊڄندا رهو تہ من ڪامياب ٿيو.

صبح جو وڏي هوشياري سان جنگ ۾ شرڪت ڪجو ۽ دشمنن سان مقابلي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان مدد طلب ڪندي اڳتي وڌجو ۽ جڏهن توهان ڏسو تہ ويڙهہ زور تي اچي وئي ۽ ان جا شعلا ڀڙڪڻ لڳا آهن تہ ان باهہ ۾ ڪاهي پئجو، ڪافرن جي سردار جو مقابلو ڪجو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ عزّت ۽ اڪرام سان جنّت ۾ رهندؤ. جنگ ۾ حضرتِ سيّدتنا خُنساء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي چئن ئي شهزادن ڪافرن جو خوب مقابلو ڪيو ۽ هڪبئي پُٺيان شهيد ٿيندا ويا. جڏهن انهن جي ماءُ کي انهن جي شهادت جي خبر پهتي تہ انهن روئڻ پِٽڻ جي بجاءِ اهو چيو: ان پياري الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن مون کي چئن شهيد پٽن جي ماءُ بڻجڻ جو شرف عطا فرمايو، مون کي الله رب العزت جي رحمت مان اميد آهي تہ مان بہ انهن چئن شهيدن سان گڏ جنّت ۾ رهنديس. (اسد الغابة في معرفة الصحابة ج 7 ص 100، 101)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

غلامانِ محمد جان دينے سے نہيں ڈرتے
يہ سر کٹ جائے يا رہ جائے کچھ پروا نہيں کرتے

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# گفتار جا غازي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آخر اهو ڪهڙو جذبو هيو جنهن هر مرد ۽ عورت بلڪ ٻار ٻار کي اسلام جو شيدائي بڻائي ڇڏيو هو. اهي ڪامل ايمان وارا مؤمن هئا، اهي جوشِ ايماني جي جذبي سان سرشار هئا ۽ آهہ! اڄ جو مسلمان اڪثر ايمان جي ڪمزوريءَ جو شڪار آهي. انهن جي سامهون هر وقت الله** عَزَّوَجَلَّ **۽ رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي رضا هوندي هئي، پر هاءِ افسوس! اڄ مسلمانن جي اڪثريت جو هاڻي ان پاسي ڌيان ئي ناهي. اهي الله** عَزَّوَجَلَّ **۽ رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي محبت سان سرشار هئا ۽ هاءِ بدنصيبي! اڄ جي مسلمانن جي اڪثريت دنيا جي محبت ۾ مبتلا آهي. اهي اعليٰ ڪردار جا مالڪ هئا پر اڄ جا اڪثر مسلمان رڳو گفتار** (يعني ڳالهين) **جا غازي بڻجي ويا آهن. آهہ! صد آهہ! اسان دنيا جي محبت ۾ مبتلا ٿي، رضاءِ الاهي وارن ڪمن کان پري رهي، پنهنجي زندگين کي گناهن ۾ غرق ڪري، پنهنجي مٺي مٺي آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي پياري پياري سنّتن تي عمل ڪرڻ بدران اغيارن جي فيشن کي اختيار ڪري پنهنجي حالت پاڻ بگاڙي ڇڏي آهي. تيرهين سيپاري**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

سُوْرَةُ الرَّعْد جي يارهين آيت ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ الله ڪنهن قوم کان پنهنجي نعمت ايستائين نه ڦيرائيندو آهي جيستائين جو اهي پنهنجي حالت نه مٽائين.

افسوس صد هزار افسوس! بي عملي جي ڪري اسان ذلت ۽ خواري جي اونهي کڏ ۾ نهايت تيزيءَ سان ڪِرندا تا وڃون. هڪ وقت اهو هو جڏهن ڪافر مسلمان جي نالي سان ڏڪي ويندا هئا ۽ اڄڪلهه جي ابتڙ انقلاب مسلمانن کي ڪافرن کان خوفزده ڪري ڇڏيو آهي.

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وَقتِ دُعا ہے — اُمّت پہ تِری آ کے عجب وقت پڑا ہے
جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے — پَردَیس میں وہ آج غریبُ الْغُربا ہے
جس دین کے مَدعُو تھے کبھی قیصر و کِسریٰ — خود آج وہ مِہمان سَرائے فُقَرا ہے
وہ دین ہوئی بزمِ جہاں جس سے فرُوزاں — اب اس کی مجالس میں نہ بَتّی نہ دِیا ہے
جس دین کی حُجّت سے سب اَدیان تھے مغلوب — اب مُعتَرِض اُس دین پہ ہر ہَر زہ سَرا ہے
چھوٹوں میں اِطاعت ہے نہ شَفْقَت ہے بڑوں میں — پیاروں میں مَحَبَّت ہے نہ یاروں میں وفا ہے
گو قوم میں تیری نہیں اب کوئی بڑائی — پر نام تری قوم کا یاں اب بھی بڑا ہے
ڈر ہے کہیں یہ نام بھی مٹ جائے نہ آخِر — مُدّت سے اِسے دَورِ زماں میٹ رہا ہے
وہ قوم کہ آفاق میں جو سَر بفلک تھی — وہ یاد میں اَسلاف کے اب رُو بقضا ہے
جو قوم کہ مالِک تھی عُلُوم اور حِکَم کی — اب علم کا واں نام نہ حکمت کا پتا ہے
کھوج ان کے کمالات کا لگتا ہے اب اتنا — گُم دَشت میں اک قافِلہ بےطَبَل و دَرا ہے

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينھن مون تي درود شريف پڙھندو آءُ قيامت جي ڏينھن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتُوت — شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گِلا ہے
دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت — سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے
فریاد ہے! اے کشتیٔ امّت کے نگہباں! — بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے
اے چشمۂ رَحمت بِاَبِی اَنتَ وَ اُمِّی — دنیا پہ ترا لطف سدا عام رہا ہے
جس قوم نے گھر اور وطن تجھ سے چھڑایا — جب تُو نے کیا نیک سُلوک اُن سے کیا ہے
سو بار ترا دیکھ کے عَفْو اور ترَحُّم — ہر باغی و سرکش کا سر آخر کو جھکا ہے
برتاؤ ترے جبکہ یہ اَعْدا سے ہیں اپنے — اَعدا سے غلاموں کو کچھ امّید سِوا ہے
کر حق سے دعا اُمّتِ مرحوم کے حق میں — خطروں میں بہُت اِس کا جہاز آ کے گِھرا ہے
اُمّت میں تری نیک بھی ہیں بد بھی ہیں لیکن — دِلدادہ ترا ایک سے ایک ان میں سِوا ہے
ایماں جسے کہتے ہیں عقیدے میں ہمارے — وہ تیری مَحبّت تری عِترَت کی وِلا ہے
جو خاک ترے در پہ ہے جارُوب سے اُڑتی — وہ خاک ہمارے لئے دارُوئے شِفا ہے
جو شہر ہوا تیری ولادت سے مشرَّف — اب تک وُہی قبلہ تری اُمّت کا رہا ہے
جس شہر نے پائی تری ہجرت سے سعادت — مکّے سے کشِش اُس کی ہر اک دل میں سِوا ہے
کل دیکھئے پیش آئے غلاموں کو ترے کیا — اب تک تو ترے نام پہ ایک ایک فِدا ہے
ہم نیک ہیں یا بد ہیں پھر آخر ہیں تمہارے — نسبت بہُت اچّھی ہے اگر حال برا ہے
تدبیر سنبھلنے کی ہمارے نہیں کوئی — ہاں ایک دعا تیری کہ مقبولِ خدا ہے

خود جاہ کے طالب ہیں نہ عزّت کے ہیں خواہاں
پر فکر ترے دین کی عزّت کی سَدا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

## احساسِ ذميداري پيدا ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نهايت سنجيدگي سان پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺو. پنهنجي گناهن کان سچي توبهه ڪريو ۽ پنهنجي اندر نئين سر جوشِ ايماني پيدا ڪريو، ۽ اها مدني سوچ ٻڌايو ته مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن توهان پنهنجي ذميداري کي سمجهي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت سان معمور ٿي هن مدني ڪم جو ذمو کنيو ته **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيار جي بَرَڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جو ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

ہم کو **اللّٰہ** اور نبی سے پیار ہے
اِنْ شَآءَاللّٰہ اپنا بیڑا پار ہے

## مدني قافلي ۾ شفا به ملي ۽ ديدار به ٿيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان دنيا ۽ آخرت جون اهڙيون اهڙيون سعادتون ملنديون آهن جو بس ڳالهه ئي نه پُڇو. توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو، پاڪستان جي صوبي پنجاب جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ ”تربيتي ڪورس“ جي لاءِ آيو هيس، ان دؤران هڪ ڏينهن خميس جو صبح تقريبًا چئين وڳي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

پيٽ جي ڪابي طرف اوچتو سور پيو، سور ايتريقدر شديد هيو جو ست انجيڪشن لڳا تڏهن آرام آيو، معمول موجب جمعرات جو ٿيڻ واري سنّتن ڀريي اجتماع جي لاءِ (مدني مرڪز فيضانِ مدينہ) ۾ شام جو حاضر ٿيس. رات ڏهين وڳي وري سور شروع ٿيو پر اجتماع ۾ گُهري ويندڙ اجتماعي دعا جي وقت نيڪ ٿي ويس، هڪ ڪلاڪ کان پوءِ وري تمام شديد سور پيو، ڊاڪٽر ٽي انجيڪشن لڳايا پوءِ ڪجهہ فائدو ٿيو. پوءِ حالت هيءَ ٿي ويئي جو جڏهن بہ ڪاڏو کائيندو هيس سور شروع ٿي ويندو هيو. روزانو ٽي چار انجيڪشن لڳندا هئا. ڊرپ چڙهندي هئي، الٽرا سائونڊ بہ ڪرايو، پر ڊاڪٽرن کي سُور جو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو. مان اسپتال ۾ پيو هيس اتي مون کي معلوم ٿيو تہ مون سان گڏ اسلامي ڀائر سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ 12 ڏينهن جي لاءِ سفر جي تياري ڪري رهيا آهن، ڊاڪٽر سفر کان گهڻو روڪيو پر مون کان رهيو نہ ٿيو ۽ مان ڊيره بگٽي (بلوچستان) وڃڻ واري مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. ڊيره بگٽي ويندي رستي ۾ ٿورڙو سُور ٿيو، پوءِ اتان کان اسان ”سئي“ اچي جمعرات جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوءِ ڊيره بگٽي واپس آياسين. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان سور اهڙي طرح ختم ٿي ويو جڻ ڪڏهن هيو ئي نہ ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وقت تائين مون کي ٻيهر اها تڪليف نہ ٿي ۽ سڀ کان وڏي سعادت هي ملي جو مون کي مدني قافلي دؤران خواب ۾ مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿي ويو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو . (ابن سني)

لُوٹنے رَحمتیں قافِلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو
دَرْدِ سر ہو اگر دُکھ رہی ہو کمر　　دَرْد دونوں مٹیں،قافِلے میں چلو
ہے طلب دید کی، دید کی عید کی　　کیا عَجَب وہ دِکھیں قافِلے میں چلو

## ٻنهي جهانن جي سلطان ﷺ جون قربانيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ پنهنجي اندر قربانيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻو پوندو. بغير قرباني پيش ڪرڻ جي ڪجهہ نہ ٿو ٿي سگهي. اسان جي پياري پياري ۽ مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسلام جي خاطر ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون پيش ڪيون ان جو تصور ئي ڏڪائڻ لاءِ ڪافي آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ اسان جي مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏاڍو ستايو ويو، سندن راهن ۾ ڪنڊا وِڇايا ويا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي **پٿر** وسايا ويا، ايتري تائين جو نامراد ڪافر ڪين شهيد ڪرڻ جي تاڙ ۾ رهيا پر اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم همت نہ هاري، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاڳيتي جدوجهد رنگ لاتو، جيڪي ماڻهو دشمن هئا اهي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان دوست بڻجي ويا، جيڪي جاني دشمن هئا اهي جانيون قربان ڪرڻ لڳا، جيڪي ٻين کي مسلمان ٿيڻ کان روڪيندا هئا اهي پاڻ مسلمان ٿي ٻين کي مسلمان ڪرڻ جي ڪوششن ۾ مصروف ٿي ويا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ سڄي دنيا ۾ جيڪي اسلام جون بهارون آهن اهي **الله** ربُّ العزت جي عنايت سان پياري مصطفيٰ جي ٻي انتها ڪوششن ۽ سندن عظيم تربيت سان صحابہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي قربانين جو نتيجو آهن.

حق کی راہ میں پتّھر کھائے خُوں میں نہائے طائف میں
دین کا کتنی محنت سے کام آپ نے اے سلطان کیا (وسائلِ بخشش ص ۳۸۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پلائي جون ڳالهيون سيکارڻ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان بہ نيڪيءَ جي دعوت جي خاطر قربانين جي لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ ڪوڙ نيڪيون ڪمايو. امام ابو نُعَيم احمد بن عبدالله اَصفهاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي (متوفّٰي 430 هجري) "حِلْيَةُ الاولياء" ۾ نقل ڪن ٿا، الله تبارڪ و تعاليٰ حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: "ڀلائيءَ جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن بہ قسم جي گهبراهٽ نہ ٿئي. (حلية الاولياء ج 6 ص 5 رقم 7622)

## مبلغن جون قبرون اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ روشن ٿينديون

هن روايت مان نيڪيءَ جي ڳالھ سکڻ ۽ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو. سنّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻُڌڻ وارن جا تہ ڀاڳ ئي ڀلا ٿي ويندا، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اندر کان گهٽيون روشن ٿي وينديون ۽ انهن کي ڪنهن بہ قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو. انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارن، مدني قافلن ۾ سفر ۽ فڪرِ مدينہ ڪري مدني انعامات جو رسالو ڀرڻ جي ترغيب ڏيارڻ وارن ۽ سنّتن ڀريي اجتماع جي دعوت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

پيش ڪرڻ وارن ۽ پڻ مبلغن جي نيڪيءَ جي دعوت ڪي ٻُڌڻ وارن جون قبرون بہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ حضور مُفِيضُ النّور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي نورٌ عليٰ نور ٿينديون.

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رسول اللہ کی (حدائقِ بخشش شریف ص ۱۵۲)

## جنت ۾ داخلا ۽ اڳوڻن گناهن جو ڪفارو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيترا خوش نصيب آهن اهي اسلامي ڀائر جيڪي علم سکڻ جي نيت سان مدني قافلن ۾ سفر ڪندا آهن انهن جي لاءِ، جنّت ۾ داخلا ۽ اڳوڻن گناهن جي ڪفّاري جي خوشخبري آهي. هن سلسلي ۾ بہ روايتون ٻُڌو ۽ خوش ٿيو:

﴿1﴾ حضرتِ سيّدُنا ابوسعيد خدري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: مَنْ غَدَا وَرَاحَ وَهُوَ فِي تَعْلِيمِ دِيْنِهِ فَهُوَ فِي الجَنَّةِ يعني ”جيڪو پنهنجي دين جو علم سکڻ جي لاءِ صبح جو هليو يا شام جو هليو اهو جنّتي آهي.“

(حلية الاولياء ج 7 ص 295، التيسير شرح الجامع الصغير ج 2 ص 432)

﴿2﴾ جيڪو شخص علم حاصل ڪندو آهي، تہ اهو ان جي اڳوڻن گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو آهي.

(سنن الترمذي ج 4 ص 294 حديث 2657)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر------

غور تہ فرمايو! ماڻهو آمدني جي گهٽائيءَ جي لاءِ پنهنجي شهر کان ٻئي شهر، پنهنجي ملڪ کان ٻئي ملڪ وڃن ٿا ۽ ماءُ پيءُ،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

ٻارن ٻچن وغيره کان ڪيئي سالن تائين پري رهندا آهن. آهہ! اڄ دنيا کي حاصل ڪرڻ جي خاطر اڪثر ماڻهو هر طرح جون قربانيون ڏئي رهيا آهن پر ايتريقدر عظيم الشان اجر ۽ ثواب جي بشارتن جي باوجود راهِ خدا ۾ ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ بہ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ ٿا ٿين.

## هڪ طرف صَحابہ جو ڪردار ٻئي طرف اسين......

ٿورو سوچيو تہ صحيح! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان راهہ خدا جي هر سفر ۾ وڏي حصو ورتو، چاهي اهي دشمنن جي مقابلي ۾ قِتال (يعني جنگ) جو معاملو هجي يا علم دين سکڻ ۽ سيکارڻ جو مقصد هجي. هي انهن قربانين جو صدقو آهي جو اڄ دنيا ۾ هر پاسي دين اسلام جون بهارون آهن. بهرحال هڪ طرف تہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان آهن جن جون زندگيون الله عَزَّوَجَلَّ جي دين جي سربلندي جي لاءِ وقف هيون ۽ ٻئي طرف اسين غافل ماڻهو آهيون جنهن جا ڏينهن رات صرف ۽ صرف دنيا ئي جي ترقي جي لاءِ ڄڻ وقف آهن. آهہ صد ڪروڙ آهہ!

واعِظِ قوم کی وہ پُختہ خیالی نہ رہی! برقِ طَبْعی نہ رہی، شُعلہ مَقالی نہ رہی
رہ گئی رسمِ اذاں، روحِ بِلالی نہ رہی فلسفہ رہ گیا، تلقینِ غَزالی نہ رہی
مسجِدیں مَرثِیہ خواں ہیں کہ نمازی نہ رہے
یعنی وہ صاحِبِ اَوصافِ حجازی نہ رہے
ہر مسلماں رگِ باطِل کے لئے نِشتر تھا اس کے آئینۂ ہستی میں عمل جوہر تھا
جو بھروسا تھا اسے تو فَقَط اللہ پر تھا ہے تمہیں موت کا ڈر، اُس کو خدا کا ڈر تھا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

باپ کا علم نہ بیٹے کو اگر اَزبَر ہو!
پھر پِسَر قابلِ میراثِ پِدَر کیونکر ہو!

ہر کوئی مستِ مَئے ذوقِ تَن آسانی ہے
کیسا بھائی! تِرا اندازِ مسلمانی ہے؟
حیدری فَقر ہے، نَے دولتِ عثمانی ہے
تم کو اَسلاف سے کیا نسبتِ رُوحانی ہے؟

وہ زمانے میں معزّز تھے مسلماں ہو کر
اور تم خوار ہوئے تارکِ قرآں ہو کر

تم ہو آپس میں غضبناک، وہ آپس میں رحیم
تم خطاکار و خطابیں، وہ خطا پوش و کریم
چاہتے سب ہیں کہ ہوں اَوجِ ثُریّا پہ مُقیم
پہلے ویسا کوئی پیدا تو کرے قلبِ سلیم

تختِ فَغفُور بھی ان کا تھا سَریر کے بھی
یوں ہی باتیں ہیں، کہ تم میں وہ حَمیّت ہے بھی؟

خود کُشی شیوہ تمہارا، وہ غَیُور و خُوددار
تم اُخُوّت سے گُریزاں، وہ اُخُوّت پہ نثار
تم ہو گُفتار سراپا، وہ سراپا کِردار
تم تَرستے ہو کلی کو، وہ گُلستاں بکنار

اب تلک یاد ہے قوموں کو حِکایت اُن کی
نقش ہے صَفحۂ ہستی پہ صداقت اُن کی

مِثلِ بُو قید ہے غُنچے میں، پریشاں ہوجا
رَخت بَردَوش ہوائے چَمنِستاں ہوجا
ہے تُنک مایہ، تو ذَرّے سے بیاباں ہوجا
نغمۂ مَوج سے ہنگامۂ طوفاں ہوجا

قُوّتِ عشق سے ہر پَست کو بالا کر دے
دَہر میں اسمِ محمد (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وسلم) سے اجالا کر دے

عقل ہے تیری سِپَر عشق ہے شمشیر تِری!
مِرے دَرویش! خلافت ہے جہانگیر تِری
ماسِوا اللہ کے لئے آگ ہے تکبیر تِری
تُو مسلمان ہے تقدیر ہے تدبیر تِری

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں
یہ جہاں چیز ہے کیا لوح و قلم تیرے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جوشِ ايماني جو ثبوت ڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان به همت ڪريو ۽ جوشِ ايماني جو ثبوت ڏيندي الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، منزّهٌ عن العيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي جان نثار صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي قربانين کي عملي طور تي خراج تحسين پيش ڪرڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جي نيّت فرمايو. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جي راهن ۾ ڪو ڪنڊا نه وڇائيندو، توهان تي پٿراءُ نه ڪيو ويندو، توهان جي راهن ۾ ته ماڻهو اکيون وڇائيندا.

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو
قرض ہوگا ادا، آکے مانگو دعا پاؤگے برکتیں قافِلے میں چلو (وسائل بخشش ص۶۰۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## داتا صاحب جي طرفان مدني قافلي جي خير خواهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدني قافلن جي مسافرن تي جيڪو ڪرم نوازيون ٿينديون آهن ان جي هڪ جهلڪ اوهان به ٻُڌو ۽ پوءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان سفر جي لاءِ تيار ٿي وڃو جيئن ته اسلامي ڀائرن جو بيان آهي ته اسان جو مدني قافلو مرڪز الاولياء لاهور داتا دربار رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مسجد ۾ ٽن ڏينهن لاءِ ترسيل هو. اسان مدني قافلي جي جدوَل جي مطابق سنّتن جي تربيت حاصل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

ڪري رهيا هئاسين. حلقي جي دؤران هڪ شخص آيو، ان عاشقانِ رسول سان تمام وڏي محبت سان ملاقات ڪئي، پوءِ چوڻ لڳو: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ رات منهنجي قسمت جاڳي پئي ۽ حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه مون گناهگار جي خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ ڪجهہ هن طرح فرمايائون: ”دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي وارا عاشقانِ رسول ٿن ڏينهن جي لاءِ منهنجي مسجد ۾ ترسيل آهن ان ڪري توهان انهن جي ڪاڌي جو انتظام ڪريو.“ تنهنڪري مان مدني قافلي وارن جي خيرخواهيءَ جي لاءِ ڪاڌو آندو آهي، توهان قبول فرمايو.

کیا غرض در در پھروں میں بھیک لینے کیلئے ہے سلامت آستانہ آپکا داتا پیا
جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دن ہو مری امید کا گلشن ہرا داتا پیا (وسائلِ بخشش ص ۵۰۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

# ”قطع رحمي حرام آهي“ جي 14 اکرن جي نسبت سان صلھ رحمي جا 14 مدني گل

## فرمانِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ

وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیۡ تَسَآءَلُوۡنَ بِهٖ وَالۡاَرۡحَامَ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سان سوال ڪندا آهيو ۽ رِشتن جو لِحاظ رکو

هن آيت مبارڪ جي تحت ”تفسير مظهري“ ۾ آهي: يعني توهان قطع رحم (يعني رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ) کان بچو. (تفسير مظهري ج 2 ص 3)

**7 فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **﴿1﴾** جيڪو الله ۽ قيامت تي ايمان رکندو اهي ان کي گهرجي ته صلھ رحمي ڪري. (بخاري ج 4 ص 136 حديث 6138) **﴿2﴾** قيامت جي ڏينهن الله جي عرش جي ڇانو ۾ ٽي قسم جا ماڻهو هوندا، (انهن مان هڪ اهو آهي جيڪو) صلھ رحمي ڪرڻ وارو آهي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 2 ص 99 حديث 2526) **﴿3﴾** رشتو ٽوڙڻ وارو جنت ۾ نه ويندو. (بخاري ج 4 ص 97 حديث 5984) **﴿4﴾** ماڻهن ۾ سڀ کان سٺو اهو شخص آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري، وڏيڪ متقي هجي، سيني کان وڌيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي ۽ سڀ کان وڌيڪ صلھ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو برتاءُ ڪرڻ) وارو هجي. (مُسند امام احمد ج 10 ص 402 حديث 27504) **﴿5﴾** بيشڪ افضل ترين صدقو اهو آهي جيڪو دشمني لڪائڻ واري رشتيدار تي ڪيو وڃي. (مسند امام احمد ج 9 ص 138 حديث 23589) **﴿6﴾** جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي ان (قوم) تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نازل ناهي ٿيندي. (اَلزّواجِر ج 2 ص 153) **﴿7﴾**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.**
(ابن عدي)

جنهن کي اهو پسند هجي تہ ان جي لاءِ جنت ۾ محل بڻايو وڃي ۽ ان جا درجات بلند ڪيا وڃن، ان کي گهرجي تہ جيڪو ان تي ظلم ڪري اهو ان کي معاف ڪري ۽ جيڪو ان کي محروم ڪري اهو ان کي عطا ڪري، ۽ جيڪو ان کان قطع تعلق ڪري اهو ان کان ناتو (يعني تعلق) جوڙي. (المستدرڪ ج 3 ص 12 حديث 3215) **حضرت سيدنا فقيہ ابو اللَّيث سمرقندي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا: صلہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائده آهن: الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رضا حاصل ٿيندي آهي، ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي، ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي، مسلمانن طرفان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي، شيطان کي ان شخص کان رنج ٿيندو آهي، عمر وڌندي آهي، رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي، فوت ٿي ويل آبا واجداد** (يعني مسلمان ابا ڏاڏا) **خوش ٿيندا آهن، پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي، وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ڇوتہ ماڻهو ان جي لاءِ ڀلائي جي دعا ڪندا آهن.** (تنبيہ الغافلين ص 73) ۞ **دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 559 کان 560 تي آهي: صلہ رحمي جي معنيٰ رشتي کي جوڙڻ آهي يعني رشتيدارن سان نيڪي ۽ چڱائي ڪرڻ. سڄي امت جو ان تي اتفاق آهي تہ صلہ رحمي واجب آهي ۽ قطع رحم** (يعني رشتو ٽوڙڻ) **حرام آهي، جن رشتيدارن سان صلہ** (رحم) **واجب آهي اهي ڪير آهن؟ ڪن عالمن فرمايو: اهي ذو رحم محرم آهن ۽ ڪن فرمايو: ان سان مراد ذو رحم آهن محرم هجن يا نہ هجن، ظاهر اهو ئي ٻيو قول**

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

آهي. حديثن ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنهن قيد جي) رشتيدارن سان صله (يعني چڱائي) جو حڪم آيو آهي، قرآن شريف ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنهن قيد جي) ذَوِي الْقُرْبىٰ (يعني قرابت وارو) فرمايو ويو پر هي ڳالهه ضرور آهي ته رشتي ۾ جيئن ته مختلف درجات آهن (ائين) صلهٴ رحم (يعني رشتيدارن سان سهڻي سلوڪ) جي درجن ۾ به فرق هوندو آهي، والدين جو مرتبو سڀ کان وڏيڪ آهي، ان کان پوءِ ذو رِحم مَحرم جو، (يعني اهو رشتيدار جنهن سان نسبي رشتو هجڻ جي ڪري نڪاح هميشه حرام هجي) ان کانپوءِ باقي رشتيدارن جو عَلٰي قَدَرِ مَرَاتب (يعني رشتي ۾ ويجهي هجڻ جي ترتيب مطابق) (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678) ۞ صلهٴ رِحم (يعني رشتيدار سان سلوڪ) جون مختلف صورتون آهن، انهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ، ۽ جيڪڏهن ان کي ڪنهن ڳالهه ۾ توهان جي اِعانت (يعني مدد) درڪار هجي ته ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، انهن سان مهرباني سان پيش اچڻ. (دُرَر، ج 1 ص 323) ۞ جيڪڏهن هي شخص پرديس ۾ هجي ته رشتيدارن وٽ خط موڪلي، انهن سان خط ۽ ڪتابت جاري رکي ته جيئن بي تعلقي پيدا نه ٿئي ۽ ٿي سگهي ته وطن اچي ۽ رشتيدارن سان ملي ڪري تعلق تازه ڪري، ائين ڪرڻ سان محبت ۾ اضافو ٿيندو. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678) (فون يا انٽرنيٽ جي ذريعي به رابطي جي ترڪيب مفيد آهي) ۞ صله رحمي (يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ) ان جو نالو ناهي جيڪو اهو سلوڪ ڪري ته توهان به ڪيو، ائين

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

ڪرڻ ته حقيقت ۾ مُڪافاة يعني ادلو بدلو ڪرڻ آهي ته جو ان جيڪا شيء اوهان ڪي موڪلي توهان به ان وٽ اها موڪلي، اهو توهان وٽ آيو توهان ان وٽ هليا وياءِ حقيقت ۾ صلہ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) هي آهي ته اهو ٽوڙي ته توهان ڳنڍيو، اهي توهان کان جدا ٿيڻ چاهين ته، بي اعتنائي (يعني لاپرواهي) ڪندا آهن پر توهان ان سان مائٽي جي حقن جي رعايت (يعني لحاظ) ڪيو.
(رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماخذ و مراجع


| ڪتاب جو نالو | مطبوعه | ڪتاب جو نالو | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| ڪنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي | المواهب اللدنيه | دارالكتاب العربي بيروت |
| تفسير مظهري | مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي | الزواجر | دارالمعرفة بيروت |
| صحيح بخاري | دار الكتب العلمية بيروت | سعادة الدارين | دارالكتب العلمية بيروت |
| سنن ترمذي | دارالفكر بيروت | التيسير | مكتبة العرب |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | ردالمحتار | رضا فائونڊيشن لاهور |
| المستدرك للحاكم | دارالمعرفة بيروت | درر | باب المدينہ ڪراچي |
| حلية الاوليا | دار الكتب العلمية بيروت | زلف و زنجير | شبير برادرز لاهور |
| ابن عساكر | دارالفكر بيروت | حدائق بخشش | مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي |
| الفردوس بماثور الخطاب | دار الكتب العلمية بيروت | وسائل بخشش | مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي |